Funded by the European Union

Government of Sindh

unicef for every child



# Teacher Training Module:

# Sindhi

## Learning Cycle Seventeen

سنڌي پڙهڻ جي چڪاسَ

Sindh Technical Assistance – Development through Enhanced Education Programme (STA-DEEP)

THE AGA KHAN UNIVERSITY

School Education & Literacy Department (SE&LD)

Government of Sindh.

**پيارا استادو!**

اسڪول ايجوڪيشن ۽ لِٽريسِي ڊپارٽمينٽ (SE&LD) حڪومتِ سنڌ جَي استادن جِي لڳاتار پيشه وراڻي اهليت جي اوسَر (CPD) واري پروگرام ۾ پليڪار. هي اسڪول ڪَلَسٽَر تي ٻَڌل استادن جي لڳاتار پيشه وراڻي اهليت جي اوسر (CPD) جو پروگرام، سال 2021 جي نظرثاني ٿيل اسڪول ڪَلَسٽرِنگ پاليسي ۽ سال 2022 جي CPD ماڊل تحت تيار ڪري لاڳو ڪيو ويو آهي.

تدريسي مواد تي آڌاريل سِکيا جَي مرحلن (CBLCs) جِي هِيءَ تواتر، جنهن ۾ 11 کان 20 ماڊيُولَ شامل آهن، توهان جي چاڻَ ۽ صلاحيتن کي ”ڪلاس جي مواد تي ٻڌل تدريسي عملن“ ۾ ويتر واڌ آڻڻ لاءِ ٺاهي وئي آهي. شروعاتي ڏهن سِکيا جي مرحلن  (LCs) ۾ توهان جي تدريسي صلاحيتن کي بهتر بڻائڻ تي ڌيان ڏنو ويو ته جيئن شاگردن لاءِ ڪلاس رُومَ کي فعال، ٻهرو وٺندڙ ۽ پُرلُطف بڻائڻ ۾ مدد مِلَي. انهن صلاحيتن جي بنياد تي، اهي سِکيا مرحلا (11- 20) پهرين کان اٺين درجي جي شاگردن لاءِ رياضي، سائنس، انگريزي، اردو ۽ سنڌي مضمونن ۾ سِکيا جا موقعا فراهم ڪندا ۽ ڪلاسَ جي حالتن کي اثرائتي نموني مُنظم ڪرڻ لاءِ توهان کي جديد تدريسي حڪمت عملين سان گڏ انهن مضمونن جي چاڻ پَريو بڻائيندا.

**سِي پي ڊِي پروگرامَ جو نصب العين**

هِنَ پروگرامَ جو مقصد سچي سنڌ جي اسڪولن ۾ سِکيا عملن جي معيار کي بهتر بنائڻ آهي، ته جيئن شاگردَ سرگرم ۽ معاون سِکيا وٺندڙ، سِکيا جي ڏکيائين کي حل ڪندڙ ۽ تنقيدي سوچ رکندڙ ٿين، ته جيئن هوُ پنهنجو ڪم تخليقي انداز ۽ اعتمادَ سان ڪري سگهن. اهي سِکيا جا مرحلا شاگردن کي واضح طور تي موضوع جي چاڻ سمجهڻ ۽ سِکيَل عِلم ۽ حاصل ڪيل مهارتن کي پنهنجي آسي پاسي جي دنيا سان ڳنڍڻ ۾ مدد ڏيندا. انهن گُڻن جي حاصلات کي ممڪن بڻائڻ لاءِ، استادن کي ڪلاسَ ۾ تدريسي ضرورتن ۽ مضمونن جي مواد لاءِ بهتر نموني تيار ٿيڻو پوندو. ان کان علاوه هي پروگرام استادن کي اسڪول ڪَلسٽر جي بنياد تي CPD جي ذريعي خاص تربيت ڏئي ٿو ته جيئن هوُ شاگردن جي سِکيا جي نتيجن کي بهتر بڻائي گهٽواڳتي وڌائين.

## سِي پِي ڊِي پروگرام جو تدرِيسي فلسفو

لڳاتار پيشيوراڻي اهليتَ جي اوسَر (CPD) جا سمورا سيشَنَ شراڪتدار جي سِکيا ٿيڻ جي خيالَ مطابق آهن. ان سوچ سان شرڪت ڪندڙن جي حوصلا افزائي ٿئي ٿي. ته جيئن؛ هڪ ته هُو فعال طور تي بااختيار سِکيا عمل ۾ مشغول ٿي وڃن، ٻيو ته خود تشخيصَ سان گڏ جوڙيدار ساٿيءَ اجي راءِ وٺڻ ڪي هَٿِي وٺرائجي، ۽ آخري طور تعليمي وهنوارَ ۾حصو وٺندڙ استادن جي هڪ ڪميُونٽِي ٺاهجي. انهن ڳالهين جو بنيادي مقصد تدريسي عملن کي وڌائڻ ۽ موضوعي مواد جي نظريي ۽ تدريسي حِڪمت عملين جي سمجھ کي فروغ ڏيڻ آهي ته جيئن شاگردَ سِکيَل عِلم تي اثرائتي نموني ۽ اعتماد سان پنهنجي روزاني زندگيءَ ۾ لاڳو ڪرڻ جي قابل ٿين.

## توهان لاءِ سهڪاري

هي ٽريننگ مابڊيُول ڪلاسَ جي تدريسي هدايتن جي عملن ۾ توهان جي مدد ڪرڻ لاءِ ٺاهيو ويو آهي. اهو توهان آڏو مضمون جو موادَ ۽ ڪلاسَ ۾ استعمال لاءِ ڪجهه طريقا متعارف ڪرائيندو. اهو توهان جي تدريسَ کي وڌيڪ منظم بڻائيندو ۽ توهان کي هڪ ماهر استاد جي حيثيت ۾ اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڏيندو.

استادن لاءِ آن لائين CPD پورٽَل

استادن لاءِ ماهِرن کان سوالَ پُڇڻ، خيالن جي تبادلي ۽ ذاتي سِکيا جا تجربا ۽ (CBLCs) کي لاڳو ڪرڻ ۾ درپيش ڏکيائيُن جي حَلَ لاءِ هڪ آن لائن CPD پورٽل تيار ڪيو ويو آهي. آن لائين CPD پورٽل استادن کي سيپني ضلعن جي ٻين استادن ۽ مضمونن جي ماهرن سان ڳنڍڻ ۾ مدد ڏيندو ته جيئن هُو استادن جي ڪميونٽي جي حيثيت سان معلومات ونڊين ۽ سِکن.

آن لائين پورٽل: https://stadeep-cpd.com/

**نوٽ**: هي مواد جي بنياد وارا سِکيا جا مرحلا (CBLCs) اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لِٽريسي ڊپارٽمينٽ (SE&LD)گورنمينٽ آف سنڌ پاران منظورڪيل سنڌيءَ جي پهرين کان اٺين درجي تائين جي نصابَ ۽ درسي ڪتابن جي ميلاپ سان، STEADA ۽ PITE جي نگرانيءَ هيٺ تيار ڪيا ويا آهن. هنن ۾ پهرين کان اٺين درجي تائين جا سنڌي درسي ڪتابَ حوالي طور استعمال ڪيا ويا آهن.

CBLCs: 1-20:  مهرباني ڪري LCs 20-1 جي عنوانن جي مڪمل فهرست ڏسڻ لاءِ آخري صفحي کي ڏسو.

## مَڃتا

هي ماڊيُول انسٽيٽيوٽ فار ايجوڪيشنل ڊولپمينٽ جي صوبائي انسٽيٽيوٽ آف ٽيچر ايجوڪيشن (PITE) جي هدايت هيٺ IBA سکر يونيورسٽي ۽ آغا خان يونيورسٽيءَ پاران تيار ڪيو ويو. ان ۾ يونيسيف پاران سنڌ ٽيڪنيڪل اَسِسٽَنس ڊِولَپمينٽ جي ترقي يافته تعليمي پروگرام (STA-DEEP) جي ذريعي مدد رهيءَ ۽ يورپي يونين پاران مالي مدد ڪئي وئي.

اسان هيٺين سهڪار ڪندڙن جا دِل جِي گهرائُن سان شُڪرگُذار آهيون:

| | |
|---|---|
| محترم سيد رسول بخش شاھ | ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر، سنڌ ٽيچرس ايجوڪيشن ڊولپمينٽ اٿارٽي (STEDA) |
| محترمہ نصرت فاطمہ ڪلهوڙو | ڊائريڪٽر جنرل پراونشل انسٽيٽيوٽ آف ٽيچر ايجوڪيشن (PITE) |
| محترم عِنات الله شيخ | ايڊيشنل ڊائريڪٽر، ڊائريڪٽوريٽ آف ٽيچر ٽريننگ اِنسٽِيٽيوُشنس سنڌ |
| ڊاڪٽر الطاف حسين سمون | ڊائريڪٽر ايگزيڪيوٽو ڊولپمينٽ سينٽر ايٽ سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| ڊاڪٽر تڪبير علي | ايسوسيئيٽ پروفيسر ۽ ڊائريڪٽر آئوٽريچ ايٽ آغا خان يونيورسٽي، ڪراچي |
| محترم عبدالمجيد پُرٽ | ڊائريڪٽر، ڊَڪار چامشورو |
| ڊاڪٽر عبدالوحيد ڪَلوَڙ | ايسوسيئيٽ پروفيسر جيِ سِي اِي سکر/ ماڊيول ڊِوَلپر ۽ سبجيڪٽ اِسپيشلِسٽ آءِ بي اي سکر |

| | |
|---|---|
| محترمہ ريحانہ پروين ميراڻي | مادبيول ڊِوَلپر ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر، اسٽيڊا |
| محترم دِلشاد احمد ڏيٿو | مادبيول ڊِوَلپر، گورنمينٽ ايليمينٽري ڪالج آف ايجوڪيشن، حيدرآباد |
| محترم حسن علي | مادبيول ڊزائنر، سڪر آءِ بي اي يونيورسٽي سڪر |
| محترم سيد ڪامران شاهه | پروجيڪٽ مينيجر، سڪر آءِ بي اي يونيورسٽي سڪر |
| محترمہ رابعہ بَتُول | پروجيڪٽ مينيجر، سڪر آءِ بي اي يونيورسٽي سڪر |
| محترمه اَبِير مقبول | ايجوڪيشن مينيجر، يونيسيف |
| محترم آصف ابرار | ايجوڪيشن اسپيشلسٽ، يونيسيف |
| ڊاڪٽر پرويز پيرزادو | ايجوڪيشن آفيسر، يونيسيف |
| محترم آفتاب احمد نظاماڻي | نيشنل ٽيچرس پروفيشنل ڊِولپمينٽ ڪنسلٽنٽ، يونيسيف |

# سنڌي پڑھڻ جي چڪاسَ

**سکيا جا مقصدَ:** هن تربيتي مرحلي جي پُڄاڻيءَ تي، سکيا وٺندڙ ان قابل ٿي ويندا ته اهي؛



سنڌي ٻوليءَ جي تدريسَ جي حوالي سان پڑھڻ جي چڪاسَ جي اصولن ۽ مقصدن کي سمجهي، پڑھڻ جي قابليت کي چڪاسڻ لاءِ مختلف طريقن ۽ اوزارن کان آگاهه ٿيندا.




سنڌي پڑھڻ جي چڪاسَ جون موثر حڪمت عمليون لاڳو ڪري سگهندا ۽ تشخيصي نتيجن جي تشريح ڪرڻ لاءِ تدريسي هدايتن کان آگاهه ٿيندا.




سنڌي پڑھڻ جي چڪاسَ بابت حاصل ڪيل معلومات تي پنهنجا تاثرَ پيش ڪري سگهندا.



# سيشن پلان

| Materials/resources<br>گھربل سامان/ وسيلا | Activities/learning experiences<br>سرگرميون / سِکيا جا تجربا ۽ هدايتون | Objective<br>سرگرميءَ جو مقصد | Time<br>وقت |
|---|---|---|---|
| بورڊ، مارڪر، نوٽ بُڪ، پين، ليپ ٽاپ، پروجيڪٽر، سنڌيءَ ۾ پريزينٽيشن سلائيڊ وغيره.<br> | 1. سيني شرڪت ڪندڙ استاد صاحبن کي هن تربيتي پروگرام ۾ ڀليڪار چئو.<br>2. پروگرام جي باقائده شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪريو.<br>• ذهني آمادگي ( Motivation)<br>"سنڌي پڙهڻ جو سفر"<br>شرڪت ڪندڙن مان ڪنهن هڪ کي چئو ته هُو پنهنجي سنڌي پڙهڻ جي تجربي بابت مختصر قصو ٻڌائي.<br>• ابتدائي سرگرمي<br>1. سنڌي پڙهڻ جي مهارتن کي سيکارڻ ۾ صحيح چڪاسَ جي اهميت تي بحث ڪريو.<br>بحث ڪانپوءِ اعلان ڪريو ته اچوڪي ويهڪَ ۾ سنڌي پڙهڻ جي چڪاسَ بابت ڄاڻائينداسين. | • ڀليڪار / شروعات ڪرڻ<br>• ذهني آمادگي سان آغاز ڪرڻ | 05 منٽ |
| | • تربيتي مادل جو تعارف<br>تربيت ڏيندڙ مختصر تقرير سان ذينهن جي ايجندا ۽ مقصدن جو جائزو بيان ڪريو. | تربيتي مرحلي جي ايجندا ۽ مقصدن کان آگاهه ٿيڻ | 05 منٽ |

| وقت | مقصد | سرگرميون | مواد |
|---|---|---|---|
| 35 منٽ | سنڌي پڙهڻ جي چڪاسَ جي مختلف قسمن ۽ تشخيصي اوزارن کان آگاهه ٿيڻ  | • ذيلي موضوعَ:<br>1. سنڌي پڙهڻ جي چڪاسَ جو سرسري جائزو<br>2. پڙهڻ جي چڪاسَ جا قِسمَ<br>3. سنڌي پڙهڻ لاءِ تشخيصي اوزارن (Tools) جي چوُنڊَ ۽ مُوافقتَ<br><br>• جوڙين ۾ تبادله خيال (Think pair share)<br>چاٽايل موضوع تي لکيل مددي مواد نمبر _ 01 تربيتي استادن کي پڙهڻ لاءِ ڏيو. هدايت ڪريو ته مددي مواد غور سان پڙهي، ان بابت سندن خيالَ ساٿين سان ونڊين.<br>• مختصر تقريرَ (Mini Lecture)<br>1. مٿي چاٽايل ضمني عنوانن تي هڪ ننڍو ليڪچر ڏيو.<br>• تشخيصي سرگرمي:<br>مددي مواد جي مطالعي ۽ ليڪچر ڪانپوءِ تربيتي استادن جي گروپن مان هڪ يا ٻن نمائندن کان چاٽايل موضوعن تي مختصر پيشڪش ڪرايو. ڪي سوال ۽ مونجهارا هجن ته اُهي پڻ حل ڪيو.<br>يا<br>سِکيا وندڙن کي چئو ته سنڌي سبق پڙهڻ جي چڪاسَ تي غور ويچار ڪرڻ ۽ خاڪو (آئوٽ لائن) ٺاهڻ لاءِ ننڍڙي گروپ ۾ ڪم ڪن. | مددي مواد 01 جون گهربل تعداد ڪاپيون، ليڪچر لاءِ مواد  |
| 60 منٽ | سنڌي پڙهڻ جي چڪاسَ جي طريقن ۽ اوزارن جي استعمال جي عملي مشق جو مظاهرو ڪرڻ | • ذيلي موضوعَ<br>1. پڙهڻ جي چڪاسَ لاءِ سرگرمين جي مشقَ<br>2. سنڌي پڙهڻ جي چڪاسَ ۽ نتيجن جي تشريحَ<br>3. شاگردن ۽ والدين کي تشخيصي عمل ۾ شامل ڪرڻ | مددي مواد نمبر 02 پڙهڻ جا نمونا، چڪاسَ جي روبرِڪ / پيمانن |

| | | | |
|---|---|---|---|
| |  | • گروپ سرگرمي<br>(الف) شرڪت ڪندڙن کي پڙهڻ جي مهارت جي جزن جي چڪاس لاءِ روبرڪ يعني؛ پيمانن کان آگاهہ ڪريو. (مددي مواد 02 استعمال ڪريو)<br>(ب) جنهن کان پوءِ انهن جي استعمال جي سرگرمي ڪرايو. سرگرميءَ لاءِ تربيت حاصل ڪندڙن کي مختلف گروپن ۾ ورهائي ڪين ڪم سونپيو.<br>هر گروپ پڙهڻ جي هڪ جُزي جي چڪاس جي مختصر سرگرمي ڪرائيندو ۽ موافق اوزار يا روبرڪ جو استعمال ڪندي چڪاس جو عمل پوروڪندو، پوءِ چڪاسيل نتيجن جو اعلان ڪيو ويندو.<br>گروپَ:<br>گروپ پهريون — اکرن جي نالن جي سُڃاڻپ<br>گروپ ٻيون — اکرن جي آوازن جي سڃاڻپ<br>گروپ ٽيون — بي معني لفظ پڙهڻ جي چڪاسَ<br>گروپ چوٿون — پڙهڻ جي تفهيم جو جائزو | جون ڪاپيون، سنڌي درسي ڪتاب وغيره.<br><br> |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | گروپ پنجون     پڙهڻ ۾ روانيءَ جي چڪاسَ<br>(ت) هر پيشڪش کانپوءِ ٻين استادن کان موٽ ڏياريو. پوءِ پنهنجي پاران پڻ تعميري ۽ اصلاحي موٽ ڏيو.<br>• تشخيصي سرگرمي<br>هڪ رول پلي سرگرمي ڪرايو، جنهن ۾ شرڪت ڪندڙ پڙهڻ جي چڪاسَ تي شاگردن ۽ والدين کي نتيجن کان آگاهه ڪري تعميري موٽ ڏين ٿا. | |
| 15 منٽ | سموري مرحلي جي ڪارگذاريءَ جو ورجاءُ ڪري خلاصو يا حاصل مطلب بيان ڪرڻ ۽ مجموعي چڪاسَ | • ذيلي موضوعَ<br>• سموري تربيتي مرحلي جو خلاصو يا حاصل مطلب<br>• چڪاسَ<br>• خلاصي جي سرگرمي<br>اچوڪي سيشنَ بابت سيني سکيا حاصل ڪندڙن کان تاثر وٺي پوءِ پاڻ سموري مرحلي جي ڪارگذاريءَ جا اهم نڪتا خلاصي جي صورت ۾ بيان ڪريو.<br>• تشخيصي سرگرمي<br>تربيتي استادن کان سنڌي پڙهڻ جي چڪاس جي اهم نُڪتن بابت سوال ڪري جواب حاصل ڪريو. مثال طور؛<br>1. پڙهڻ جي جُزن جي چڪاسَ جا قسم ڪهڙا آهن؟<br>2. پڙهڻ جي چڪاس لاءِ مکيا حڪمت عمليون ٻڌايو؟<br>3. سنڌي پڙهڻ جي تشخيصي اوزارن جي چونڊ جا اهم نڪتا ٻڌايو؟<br>• ڪو سوال يا مونجهارو جنهن جي وضاحت جي اجان ضرورت آهي. | |

## مددي مواد نمبر 01

### سنڌي پڙهڻ جي چڪاسَ

پرائمري يا ثانوي ٻولي طور سنڌي پڙهڻ جي چڪاسَ جو مقصد رائج سنڌي رسم الخط ۾ لکيل مواد جي تفهيمَ، رواني، لفظي ذخيري ۽ مجموعي خواندگيءَ جي مهارت جو اندازو لڳائڻ آهي. ان لاءِ گهربل اهم پهلوئن جو هڪ جائزو پيش ڪجي ٿو.

- **پڙهڻ جي چڪاس جا قسم**

عام طرح چڪاسَ ٻن قسمن جي ٿئي ٿي؛ هڪ غير تشڪيلي (Formative) جيڪا ڪلاس تدريسَ دوران ٿيندي آهي، جنهن ۾ غير رسمي تجزيا هوندا آهن ۽ مسلسل موٽ ڏني ويندي آهي. ٻيو تشڪيلي (Summative) چڪاسَ جيڪا هڪ مخصوص مُدي جي پڄاڻيءَ تي ڪئي ويندي آهي. جهڙوڪ سيمسٽر يا سال .

خاص طرح پڙهڻ جي چڪاسَ، پڙهڻ جي پنجن جُزن (صوتي چاڻ، صوتيات، لفظن جو ذخيرو، رواني، تفهيم) جي ڪئي ويندي آهي.

1. صوتي چاڻ: اکرن جي نالن جي چڪاسَ ڪرڻ .
2. صوتيات: اکرن جي آوازن جي سڃاڻپ جي چڪاسَ ڪرڻ .
3. لفظي ذخيرو: شاگردن جي سنڌي لفظي ذخيري جي سڃاڻپ ۽ استعمال سميت چاڻ جي چڪاس ڪرڻ. ان ۾ نوان/ عام لفظ، ٻي معني لفظ ۽ ٻين قسمن جي لفظن جي چڪاس شامل آهي.
4. رواني: شاگردن جي پڙهڻ جي صلاحيت کي درستگي، رفتار ۽ اظهار سان ماپڻ .
5. سمجهڻ / تفهيم: شاگردن جي بنيادي خيالن، معاون تفصيلن، ۽ متن جي مجموعي معني کي سمجهڻ جي صلاحيت جي ڪَٿَ ڪرڻ.

- **چڪاسَ جون حڪمت عمليون ۽ سرگرميون**

1. زباني پڙهڻ: رواني ۽ تلفظ جو اندازو لڳائڻ لاءِ شاگردن کان بلند آواز سان پڙهائڻ.
2. خاموش پڙهڻ: شاگرد خاموشيءَ سان پڙهن ٿا ته جيئن سمجهه ۽ لفظن جو اندازو لڳائين.
3. گهڻ انتخابي (Multiple Choice) ۽ ڪلوز پيسيج سوالن ذريعي سمجهڻ جو اندازو لڳائڻ.

4. خال پريو: متن ۾ خالي جڳهون پرڻ جي مشق سان لفظن ۽ تفهيم جي چڪاس ڪرڻ.
5. اختصار: سمجهاڻي ۽ تنقيدي سوچ جو اندازو ڪرڻ لاءِ شاگردن کان متن جو اختصار ڪرائڻ .
6. اڳڪٿي ڪرائڻ :
7. عبارت جا بي ترتيب حصا ترتيب ڏيڻ.
8. عام فهم جا سوال ڪرڻ .
9. چپائيءَ جي بنيادي تصورن جي ڄاڻ جو جائزو وٺڻ .
10. ڪتاب جو جائزو: تفهيم، تنقيدي سوچ، ۽ لکڻ جي صلاحيت جاچڻ لاءِ ڪتاب جو جائزولکرائڻ.

- **سنڌي پڙهڻ جي چڪاس لاءِ صلاحون**

1. مستند مواد استعمال ڪريو: درسي ڪتابن جي مواد کان علاوه حقيقي زندگي جا متن استعمال ڪريو، جهڙوڪ خبرون آرٽيڪل، ڪهاڻيون، يا نظم وغيره.
2. ثقافتي حوالن تي غور ڪريو: متن ۾ ثقافتي نوعيت ۽ حوالن کان آگاهه رهو.
3. واضح هدايتون ڏيو: يقيني بڻايو ته شاگرد تشخيصي ڪم ۽ معيار کي سمجهن ٿا.
4. موٽ ڏيو: شاگردن جي پڙهڻ جي صلاحيتن کي بهتر ڪرڻ لاءِ تعميري موٽ ڏيو.

ائين سنڌيءَ ۾ پڙهڻ جي چڪاس لاءِ مختلف هڪمت عملين سان، مستند مواد استعمال ڪندي، واضح هدايتون ۽ رايا ڏيڻ سان، توهان مؤثر انداز ۾ سنڌي پڙهڻ جي چڪاس ڪري سگهجي ٿي.

- **سنڌي پڙهڻ لاءِ تشخيصي اوزارن جي چونڊ ۽ موافقت**

چونڊ جو معيار:

ٻوليءَ جي مهارت: چڪاس جا اوزارَ سنڌي پڙهڻ ۾ مهارت جي مختلف سطحن يعني، نئين سکندڙن کان مٿين سطح جي سکندڙن لاءِ موزون هئڻ گهرجن.

درستگي ۽ اعتبار: تشخيص جا اوزارَ لازمي طور تي سنڌيءَ ۾ پڙهڻ جي صلاحيتن جا يقيني ۽ صحيح نتيجا ڏيندڙ هجن.

موافقت واري حڪمت عملي:

ترجمو: چڪاسَ جا ميسراوزارَ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪريو ۽ لاڳاپيل مواد کي ترتيب ڏيو.

سادي ٻولي: مختلف عمر جي گروپن ۽ پڙهڻ جي سطحن کي پورو ڪرڻ لاءِ پيچيده ٻوليءَ جي جوڙجڪ ۽ لفظن کي آسان ڪريو.

مقامي مواد کي شامل ڪرڻ: سنڌي ادب، ڪهاڻيون ۽ ٻيو مواد شامل ڪريو، جيڪي مقامي سکندڙن کي بهتر مشغوليت ۽ سمجهڻ لاءِ مددگار ٿين.

## مددي مواد نمبر 02

# پڙهڻ جي چڪاس لاءِ روُبرِڪَ

رفتار / پڙهڻ جي جائزي جو خاڪو

| نمبر | نالو شاگرد / شادگرياڻي جو | سال جي شروعات ۾ پڙهڻ جي رفتار | سال جي وچ ۾ پڙهڻ جي رفتار | سال جي آخر ۾ پڙهڻ جي رفتار |
|---|---|---|---|---|
| | | | | |
| | | | | |
| | | | | |
| | | | | |

| پڙهڻ جا جُزا | ابتدائي (هر جُزي تي مارڪ 01) | درست / وچولو (هر جُزي تي مارڪ 02) | اعليٰ (هر جُزي تي مارڪ 03) |
|---|---|---|---|
| الف-ب جي ڇاڻ | اکرن جي جُزوي سڃاڻ | ○ ٿورين ڇُڪن سان سڃاڻ | ○ پوري ڇاڻ |
| درست اُچار | ○ پست | ○ وچولو | ○ بلند |
| لفظن جو ذخيرو | ○ روزمره جا لفظ | ○ متناسب چونڊ | ○ موقعي ۽ محل مطابق انتخاب |
| تفهيم | ○ بغير فهم جي | ○ ڪم فهمي | ○ اعلي فهم |
| رواني | ○ اٽڪي اٽڪي | تيز پر اڻ پورا لفظ | ○ تيز ۽ مڪمل لفظَ |
| ٽوٽل: 15 | | | |

## حوالا

**وڌيڪ مطالعي لاءِ:**

سنڌي ٻوليءَ جو نصاب (پهرين کان پنجين درجي لاءِ). 2018. اداره نصاب، جائزو ۽ تحقيق. سنڌ ڄامشورو
سنڌي ٻوليءَ جو نصاب (ڇهين کان اٺين درجي لاءِ). 2022. اداره نصاب، جائزو ۽ تحقيق. سنڌ ڄامشورو.
سيد شير شاهه، مغل عبدالجبار.1990. سنڌي ٻوليءَ جي سکيا (پي ٽي سي ڪلاسن لاءِ). ڄامشورو. سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ. ص.134-135
سنڌيءَ جي تدريسَ. ڪورس گائيڊ. 2016. هائير ايجوڪيشن ڪميشن پاڪستان.

**For reference:**

**List of 1-20 LCs topics**

| Topics | Learning Cycles (LCs) |
|---|---|
| ٻُڌڻَ جي مهارتَ | LC-1 |
| ڳالهائڻَ جي مهارتَ | LC-2 |
| پڙهڻَ جي مهارتَ (i) | LC-3 |
| پڙهڻَ جي مهارتَ (ii) | LC-4 |
| لِکڻَ جي مهارتَ | LC-5 |
| زبان شناسي | LC-6 |
| تقريرَ جي مهارتَ | LC-7 |
| پسنديدگي ۽ تنقيدَ | LC-8 |
| تخليقي تحريرَ | LC-9 |
| زندگيءَ جون لِساني مهارتون | LC-10 |
| سنڌي صوتيات جي تدريسَ | LC-11 |
| لفظي بناوٽَ ۽ جُملن جِي جوڙجڪَ | LC-12 |
| سنڌي نظمَ جي تدريسَ | LC-13 |
| سنڌي نثرَ جي تدريسَ | LC-14 |
| سنڌي پڙهائڻَ جا طريقا ۽ حڪمت عمليون | LC-15 |
| سنڌي پڙهڻ جون ڏکيائيون | LC-16 |
| **سنڌي پڙهڻ جي چڪاسَ** | **LC-17** |
| سنڌي مضمون نويسيءَ جي تدريسَ | LC-18 |
| سنڌي ٻولي سِکيا لاءِ ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال | LC-19 |
| شاگردن جي چنگ-ڀلائي | LC-20 |

**Contact email address:**

**kamranshah@iba-suk.edu.pk**

**School Education & Literacy Department (SE&LD)**

**Government of Sindh**